# ناٽڪ ”بدنصيب ٿري“ جو مختصر فني ۽ فڪري اڀياس

# Tecnic of Drama “Bad Naseeb Thari”: An Analytical Study

**دين محمد ڪلهوڙو**


***Abstract:***

*Drama “Luckless & Desert Person” (Badnaseeb Tharri) written by Mr. Muhammad Ismail Ursani is a rewarded drama. It was published by central advisory board for Sindhi Literature in 1941. This is about Sindh backward area desert “Tharr” its atmosphere starvation conditions which cause poverty, illiteracy and social ills. Which may be treated thought good and applicable education. Central idea of this drama is also “education”. Hero of this drama is an illiterate, simple and uneducated person “Chanesar”. But he is kindly nature of keeps clean heart. He is being cheated due to his illiteracy of simplicity. But when he got education through adult education introduced in Sindh by Pir Illahi Bux, Ex-Education Minister. He becomes honest and sensible then every one is afraid of him.*


## پس منظر:

دنيا ۾ مختلف سماج، پنهنجي پنهنجي نوعيت جا آهن ۽ هر ملڪ ۽ علائقي جو سماجُ، پنهنجون ڌار معروضي حالتون ۽ گهُرجون رکي ٿو. اتان جو علم، ادب ۽ فن به انهن معروضي حالتن ۽ گهُرجن پٽاندڙ تخليق ڪيو وڃي ٿو. ادب جي ٻين معروضي ۽ غير معروضي صنفن سميت سموريءَ دنيا ۾ ناٽڪ (Drama) جي به پنهنجي الڳ تاريخ ۽ مزاج رهيو آهي. يونان ۽ روم کان وٺي هندستان تائين، انهن سڀني ناٽڪن جي تاريخ جو مطالعو ڪبو، ته معلوم ٿيندو ته ناٽڪ پنهنجي ابتدائي شڪل ۾ اُڀري، ارتقائي منزلون طئي ڪندي، پنهنجي پنهنجي سماجن ۾ عروج ماڻيو آهي.

ناٽڪ جي حوالي سان جڏهن اسان دنيا جي مڙني سماجن ۾ پيدا ٿيل علم، ادب ۽ فن جو پاڻ ۾ تقابلي جائزو وٺنداسين، ته اسان کي سنڌ جي قديمي تهذيب ”سنڌو سڀيتا“ (Indus Civilization) جو انتخاب ڪرڻو پوندو ۽ اُن کي ئي ڪسوٽي طور مقرر ڪرڻو پوندو. سنڌ ۾ ناٽڪ جو پڪو پختو اهڃاڻ، موهن جي دڙي مان هٿ آيل ڌِرتڪي (ناٽڪي) [ڌِرتُڪ> ناٽڪُ] جي مجسمي مان ملي ٿو، جنهن جي بنياد تي، اِن راءِ قائم ڪرڻ ۾ بيشڪ حق بجانب رهجي ٿو ته دنيا جي مڙني مهذب سماجن ۾ سنڌي سماج جو ذڪر، ناٽڪ جي ابتدا ۽ اوسر ۾ سڀني کان اول ڪرندو. يونان، روم، هندستان ۽ ٻين تهذيبن جو ذڪر بعد ۾ ايندو.

## معنيٰ ۽ مفهوم:

ناٽڪ اُن کي چئبو آهي، جنهن ۾ زباني گفتگو هُجي ۽ جسم جي نقل ۽ حرڪت سان ڏيکاري سگهجي. ناٽڪ هيئت جي لحاظ کان ٻن قسمن جو ٿئي ٿو. هڪ نثر ۾ ٻيو نظم ۾. پهريون قسم نثر جي انداز ۾ ادا ڪري سگهجي ٿو ۽ ٻيو قسم، راڳ ڳائي يا شعر پڙهي، پيش ڪري سگهجي ٿو. هن قسم کي انگريزيءَ ۾ اوپيرا (Opera) بہ چون ٿا.

'بدنصيب ٿري' محمد اسماعيل عرساڻيءَ جو انعام يافتہ ناٽڪ آهي. ناٽڪ 1941ع ۾ 'سنڌي ادب لاءِ مرڪزي صلاحڪار بورڊ' ڪتابي صورت ۾ ڇاپي پڌرو ڪيو. محمد اسماعيل عرساڻي صاحب ناٽڪ جي لکجڻ ۽ ڇپجڻ جي پس منظر بابت "بدنصيب ٿري" جي حرفِ آغاز ۾ هن طرح لکيو آهي تہ:

"سال 1939ع ۾ محترم پير الاهي بخش صاحب سنڌ جو وزير تعليم هو مان ان وقت ٿرپارڪر ضلعي جو فرسٽ ايڊيوڪيشنل سپروائيزر هئس ۽ مرحوم عثمان علي انصاري مدرسہ هاءِ اسڪول ميرپورخاص جو هيڊماستر هو. مرحوم انصاري صاحب مون کي فرمايو: "تنهنجي زور قلم جو آءٌ معترف آهيان، اڄ تنهنجو امتحان آهي، هڪ اهڙو مڪمل ڊرامو لک، جو آءٌ پنهنجي اسڪول ۾ اسٽيج تي آڻيان". قلم هٿ ۾ ڪنيو سڄي رات ننڊ نہ ڪيم ۽ ٻيو سڄو ڏينهن لکڻ ۾ مصروف رهيس ۽ هيءُ ڊرامو بفضل خداوند تعاليٰ تڪميل کي پهچي ويو. ڊرامي جو نالو "بدنصيب ٿري" مرحوم انصاري صاحب پاڻ تجويز ڪيو، ڇاڪاڻ جو ڊرامي جو لب و لهجو ٿري زبان ۾ هو... تاريخ 7- مئي 1939ع تي ڊرامو ڪيو ويو. ٿرپارڪر ضلعي جي سڀني سربر آورده شخصيتن وڏي اشتياق سان محفل ۾ شموليت ڪئي، ڊرامي جي سڄيءَ سنڌ ۾ جابجا تعريف ٿي ۽ هرهڪ جي زبان تي هڪ شاهڪار بابت تحسين جا نعرا بلند ٿيا. انصاري صاحب اشاعت جي مون کان 24- مارچ 1941ع تي اجازت طلب ڪئي ويئي... مون کي ادائي سؤ رپيا نقد پهريون انعام ۽ ادائي سؤ ڪتاب جون ڇپيل ڪاپيون معاوضي طور ڏنيون ويون." (حرفِ آغاز ص 4، 3).

## ناٽڪ جي آکاڻي:

ناٽڪ جي هيري جو تعلق 'ٿر' سان آهي، نالو اٿس 'چنيسر'. ناٽڪ جي سورمي، چنيسر جي زال 'جانل' آهي. 'ٿر' ۾ ڏڪر پوڻ ڪري اتان جا ماڻهو گهڻو ڪري سنڌ جي ٻين شهرن ڏانهن رُخ ڪندا آهن تہ جيئن اُتان ڪمائي پوين جي سار لهي سگهن. تيئن ناٽڪ جي آکاڻيءَ ۾ چنيسر جنهن جو تعلق ڏيپلي جي هڪ ڳوٺ سان آهي. ميرپورخاص اچي هڪ سيٺ وٽ ڏنار ٿي بيهي ٿو. سيٺ هن کي سادو ۽ ابوجهہ ڏسي نڳي ٿو هن کي 8 رپيا ماهوار ڏيڻ بجاءِ 5 رپيا ڏئي ٿو. (چنيسر پنج رپيا اٺن رپين کان وڌيڪ سمجهي ٿو.) هو اڻپڙهيل آهي، دنيا جهان جي ڪيس ڪابہ خبر نہ آهي. چنيسر سيٺ جي نوڪريءَ دوران ٻيو ٻيرو ٺڳجي ٿو اها ٺڳي دوڪاندار مورند

واٽيو ساٽس ڪري ٿو. هو پنج سير ڪڪڙا سوا چئين آني ۾ ڏئيس ٿو ۽ رپيو وٺي سوا ڏهه آنا موٽائي ڏئيس ٿو. جڏهن چنيسر سيٺ کي ڪڪڙا ۽ باقي رقم ڏئي ٿو ته سيٺ ڪلي جي رقم پڇي باقي پئسن جي گهُر ڪري ٿو. چنيسر ته معصوم آهي، هن ته رقم ڪانه ڦٻائي هئي، سو باقي رقم ڪٿان آڻي؟ نيٺ سيٺ هن کي نوڪريءَ تان جواب ڏيئي ٿو. چنيسر سيٺ کان موڪلائي شهر ميرپورخاص ۾ ڪنوائيءَ ذريعي پاڻي پرڻ جو ڪم ڪري ٿو. هڪ واري تي 2 پايون وٺي ٿو. چنيسر کي ٽيون ڀيرو تولارام واٽيو ٺڳي ٿو جيڪو پاڻيءَ جي وارن جو صحيح اُجورو نه ٿو ڏئيس. چوٿون ڀيرو ٺڳجي ٿو عبدالله عريض نويس وٽ، جڏهن چنيسر پنهنجي گهر واريءَ ڏانهن 10 رپيا مني آرڊر موڪلڻ لاءِ وٽس وڃي ٿو. عبدالله عريض نويس هن کي پورڙو ۽ اٽپڙهيل ڏسي مني آرڊر پنهنجي نالي تي لکي ڏئيس ٿو چنيسر پوسٽ مئن وٽان مني آرڊر جي رسيد وٺي ٿو ۽ پئسا ايڊريس مطابق عبدالله عريض نويس کي ملن ٿا. هو جڏهن واپس عريض نويس وٽ وڃي ٿو ته هن کي عبدالله عريض نويس پنهنجو ڪوٽ ڏيئي واپس موڪلي ٿو ۽ دلجاءِ ٿو ڏئيس ته مني آرڊر تنهنجي گهر پهچي ويندو، پوءِ وري عريض نويس پنهنجي عيب کي لڪائڻ لاءِ پوليس کي 5 رپيا رشوت ڏيئي چنيسر کي ڪوٽ چوري ڪرڻ جي الزام ۾ جيل پيڙو ڪرائي ٿو. آخرڪار چنيسر پنهنجي ساٿي دودي جي معرفت وڪيل ڪرائي ڪيس مان جان آجي ڪري، جيل مان ڇُٽي ٿو ۽ پوءِ وري ساڳيو پاڻيءَ وارو ڪم ڪري ٿو. ناٽڪ جو سورمو پنجون ڀيرو جوارين جي هٿان ٺڳجي ٿو جتي هن کي پنهنجو ساٿي دودو وٺي وڃي ٿو. ڇهون ڀيرو هو هڪ ڪوڙي پير وٽ ٺڳجي ٿو اتي هو 10 رپيا نذرانو ڏيئي ٿو. ستون ڀيرو هڪ ڪوڙي حڪيم دوا فروش جي هٿان ٺڳجي ٿو اهو ڪوڙو حڪيم دوا فروش ڦٽ چٽائڻ ۽ بدهاضمي جي خاتمي لاءِ دوا ڏئيس ٿو ۽ موٽ ۾ ڪيترائي رپيا ڪڍي وٺيس ٿو. اٺون ڀيرو لاٽري فروش وٽان 5 رپين جي لاٽري ٽڪيٽ وٺي، ٺڳجي ٿو.

ناٽڪ جو هيرو، جيل مان آزادي ماڻڻ بعد "تعليمِ بالغان" ۾ داخلا وٺي ٿو ۽ هن جي تجويز ۽ گذارش تي اهڙا ڪلاس سندس کوهه تي هلن ٿا، جنهن کوهه تان هو پاڻي پري شهرين کي پهچائيندو آهي. تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ ناٽڪ جي سورمي جو دماغ آهستي آهستي کلڻ لڳي ٿو ۽ پاڻيءَ جي وارن جو حساب ڪتاب نيڪ طرح سان لکي ٿو ۽ انهن جي اُڳاڙي به صحيح ڪري ٿو. ناٽڪ نويس، ناٽڪ جي سورمي کي ڪنهن منزل تي پهچائڻ بغير ناٽڪ کي ختم ڪري ٿو ۽ آخر ۾ ناٽڪ جي سورمي کي سورميءَ يا پنهنجي ٻارن ٻچن سان به نٿو ملائي، فقط هن جي ساٿي دودي جي معرفت سورميءَ کي اها آٿت ڏياري ٿو ته هاڻي عنقريب چنيسر کي چوڪيداريءَ جي نوڪري ملڻي تي آهي، انهيءَ اُميد تي ناٽڪ جو اختتام ٿئي ٿو.

## ناٽڪ جون فني خوبيون ۽ خاميون:

### پلاٽ:

ناٽڪ جو پلاٽ سادو آهي، جنهنڪري هن جا ڪردار به برجستا آهن. ناٽڪ ۾ استعمال ٿيل ٻولي به مناسب ۽ ماحول مطابق ٺهڪندڙ آهي، سورمي، سورمِي ۽ دودي جو تعلق تر

سان آهي، تنهنڪري انهن کي ٽري لهجي ۾ ڳالهائيندي ڏيکاريو ويو آهي. هن مان معلوم ٿئي ٿو ته ناٽڪ نويس رڳو ليکڪ نه آهي، پر هو ٻوليءَ جو ماهر به آهي، هن کي سنڌ ۾ ڳالهائجندڙ سمورن لهجن/محاورن تي دسترس حاصل آهي. ناٽڪ نويس لاءِ نهايت ضروري آهي ته هو ناٽڪ جي گفتگو اهڙي ۾ ُراٿر لکي جو هرهڪ لفظ مايه دار ۽ معنيٰ خيز هجي، هرهڪ لفظ مان مطلب نڪري، واهيات، بڪواس ۽ اجائي گفتگو کان پاسو ڪري، ڪردار جي هر ادا ۽ لهجو اهڙو هجي جو سندس اندروني حالت مه ُنهن مان نمايان ٿي سگهي يا پئي بکي ۽ سندس حياتيءَ جي ساري َرو َش، ڍنگ يا طريقي سان نهڪي ڦهڪي اچي. ائين نه هجي جو هڪڙو ڪردار جنهن جي خصوصيت هجي ڪنجوسپائي سو ڪنهن وقت ڏاتار ٿي سخاوت ڪري ويهي.

جيئن ته ٽر سنڌ جو اتوت ڀاڱو رهيو آهي، پر درياهه جي رُخ بدلجڻ کان پوءِ سنڌ جو هيءُ خوبصورت پاسو قدرت جي رحم ڪرم تي بيٺو آهي، ”اُني ته ٽر، نه ته بر ئي بر“، برساتون پونديون آهن ته هيءُ پاسو گل و گلزار ٿي پوندو آهي، ٽرين جا سمورا ڏک ڏاکڙا ختم ٿي ويندا آهن ۽ هو خوشحال ٿي ويندا آهن، نه ته ٻارهوئي ڏڪر . . . بک، بدحالي، تنگدستيءَ جو راڄ هوندو آهي.

غربت، هڪ سماجي بيماري آهي، جنهن مان ٻيون ڪئين خطرناڪ بيماريون جنم وٺي سماج کي اندران ئي اندران کوکلو ڪريو ڇڏين ٿيون. جهالت به اُن مان ڦُٽي نڪتل بيماري آهي، جنهن مان وري پيري مريدي، وڏيرڪي، ننڍيرڪي جهڙيون ٻيون سماجي بيماريون پيدا ٿين ٿيون، جيڪي ڇڙون ٿي ٽر جي اٻوجهه ۽ مسڪين ۽ ڏُڪاريل غريب ماڻهن جو هر وقت رت چوسينديون رهن ٿيون. ٻهريان هي قدرتي آپدائن ۾ سيڪجهه وڃايو ڇڏين، باقي جيڪو سندن هڙ ۾ بچيِن سو وري هتان جي زميني آپدائن جو شڪار ٿي ٿو ۽ ٽرين ويچارن کي جيڪا حاصلات ٿئي ٿي، اها آهي سندن بدنصيبي.

ناٽڪ نويس، هن ناٽڪ ۾ ٽرين جي انهيءَ بدنصيبيءَ کي اُجاگر ڪيو آهي، ۽ نهايت فنڪارانه انداز ۾ اُن جو حل به ٻڌايو اٿس. هن ناٽڪ ذريعي اهو سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي اٿس ته بدنصيبي ڪا قدرتي آپدا نه پر زميني آهي، اها جهالت مان ڦُٽي ٿي ۽ جهالت جو خاتمو تعليم جي هٿيار سان ئي ممڪن آهي.

## ڪردارنگاري ۽ منظرنگاري:

منظرنگاريءَ ۽ ڪردارنگاريءَ ذريعي ناٽڪ نويس، ڊرامي جي تخيل ۽ مقصديت جي گهرائيءَ ۾ ويو آهي ۽ ناٽڪ جي ڪردارن ذريعي ٽر جي ڏکويل زندگيءَ کي نهايت عرق ريزيءَ سان هوبهو ساڳئي صورت ۾ پيش ڪرڻ ۾ سوڀارو ٿيو آهي. ناٽڪ ۾ 3 ايڪٽ ۽ 21 پردا آهن، پهرئين ايڪٽ ۾ 11، ٻي ۽ ٽئين ايڪٽ ۾ 5، 5 پردا آهن. 20 کن ڪردار آهن. ناٽڪ ُ ميرپورخاص جي چوڏاري ڦري ٿو سواءِ ڪجهه ڪردارن جي، باقي ڪردارن جو تعلق به ضلعي ميرپورخاص سنڌ سان آهي. ناٽڪ 1939ع ۾ لکيو ويو جڏهن سنڌ جي تعليم جو قلمدان پير

الاهي بخش قريشيءَ جي حوالي هو. پير صاحب, سنڌ ۾ انهن ڏينهن ۾ ’تعليم بالغان‘ رائج ڪري چڪو هو.

”بدنصيب ٽري“ ۾ اهم ڪردار ’چنيسر‘ جو آهي, باقي ڪردار هن ڪردار کي اڀٽي وٺي وڃڻ لاءِ تخليق ڪيا ويا آهن. يعني سورمي جو ڪردار حقيقي ۽ دائمي آهي, باقي وقتي آهن. سورميءَ جو ڪردار ناٽڪ ۾ چانيل نہ ٿو رهي, جڏهن ناٽڪ نويس کي ضرورت محسوس ٿئي ٿي, تہ سورميءَ جي ڪردار کي ظاهر ڪري ٿو نہ تہ ناٽڪ نويس ’چنيسر‘ جي ڪردار کي آڏو رکي ’ٽرين‘ جي بدنصيبي ۽ انهن سان ٿيندڙ ڄُنين جو پردو چاڪ ڪندو رهيو آهي. ڪڏهن سيٺ سچڻمل ڪڏهن پوتار, ڪڏهن پير صاحب, ڪڏهن دوڪاندار مورند واڻيو تہ ڪڏهن عريض نويس عبدالله ۽ پوليس جمعدار جي مشڪوڪ ڪردار کي وائکو ڪيو آهي. اهي سمورا ڪردار پنهنجين ڀرپور توانايين سان ٽرين تي يلغار ڪن ٿا. پير صاحب جي ڪرامت واري ايڪٽ ۾ ڪردارنگاريءَ ۽ منظرنگاريءَ جي جهلڪ ملاحظہ ڪريو:

| | |
|---|---|
| ”پير صاحب- | ابا خليفا, جهٽ ڪريو م َٽيءَ مان پاڻيءَ جي چل تہ ڀري ڏيو جلدي ڪريو جلدي ڪريو. |
| خليفو صالح- | حاضر قبلا! (جهٽ ۾ چل ڀري ڏيئي ٿو). |
| پير صاحب- | (پاڻيءَ جون ٻہ تريون ڀري اُتر طرف اُڇلي ٿو ۽ چوي ٿو). |
| | سبحان الله و بحمده, سبحان الله و بحمده. [ويٺل حيران ٿين ٿا, خاص ڪري خليفو صالح]. |
| خليفو صالح- | جيئندا قبلا! هيءَ ڪهڙو اسرار هو؟ |
| پير صاحب- | ابا, پنهنجي شهر جي بازار کي اُتر طرف کان اچي باهہ لڳي ۽ ڪوڙي ويئي, پنهنجي مريد حاجي خالقڏني ميمڻ اسان کي سڏ ڪيو اُمالڪ مريد سان اوکيءَ ويل وڃي حامي ٿياسين, پاڻيءَ جون ٻہ لپون اُڇليوسين, تہ الله پاڪ جي فضل سان باهہ وسامي ويئي! شهر ۾ هراس گهٽ آهي, نہ تہ سڄي بازار خاڪ ٿي وڃي ها. |
| صالح فقير- | قُلبانُ وڃان سائين جي نانَو تان! صدق! صدق! منهنجا سهڻا پيرا! اهي تُنهنجي ُريدن سان پلايون نہ هجن تہ هوند ڪهڙو حال ٿئي؟ |
| چنيسر- | (دودي کي) سچو هئين دودا! ٽرين بہ پير مريد ڪٽن کان ئي گهٽا, پر واهہ ڙي |

سائين توجي ڪرامت!

پير صاحب - بابا، ادب ڪريو، اسان کي ظاهر نہ ڪريو، اسين گنهگار آهيون، اسان ۾ ڇا آهي؟

دودو - چنيسر سُٽين ٿو؟ وريِ ايءَ نهٺائي!

[اوچتو هڪ مائي اندر داخل ٿئي ٿي ۽ ڪنڌي اڇي ٿي، ٻار جو ڪڇ ۾ اٿس، سو لاهي پير جي پيرن وٽ رکي ٿي ۽ روئي ٿي، اوڇنگارون ڏئي ٿي.]

پير صاحب - صبر! صبر جو ڦل ٻلو آهي. ڳالهہ تہ ڪر توسان ڪهڙي ويڌن آهي؟ اميد تہ مشڪل آسان ٿي پوندو.

مائي - (روئڻ بند ڪري) سچا مرشد! تو هن ٻانهيءَ کي ستن ڏيئرن مٿان دعا ڪئي هئي تہ هاڻ پٽ ڄمندو. هن ٻانديءَ کي هڪڙو ڦوٽو بہ ڏنو هوئي تہ ڪائي ڇڏ ۾ پٽ ڄمئي تہ نالو ڦوٽو رکجانس پر آءٌ م ُئي آهيان، وري بہ مون کي اٺين نياڻي ڄائي آهي. مون وٽ الله جو ڏنو مال رزق گهڻو آهي، پر پٽ ڪونہ اٿم. سڀ ملڪيت تو سهڻي جي نالي تان قلبان آهي، لکي ٿي ڏيان، پر منهنجي هيءَ نياڻي ڦري پٽ ٿئي.

پير صاحب - بابا مائي! اها تہ قدرتِ الاهي آهي، اسان جي وس ۾ ڇا آهي؟ جو ڌيءَ مان پٽ ڪري سگهون؟

مائي - (اوڇنگارون ڏئي روئي ٿي) بس، نہ تہ آءٌ تنهنجو در ڪونہ ڇڏينديس (وري روئي ٿي).

صالڻ فقير - قبلا! ويچاري مسڪين تي رحم ڪريو، ڏهن هزارن جي ملڪيت اٿس، ڪير سنڀالڻ وارو ڪونهيس، ڏين جو ڏڻ اٿس، تنهنجو در ڇڏي ڪيڏانهن وڃي؟ ڪٽي نياڻيءَ تي رحم جو هٿڙو گهمايو ۽ دعا ڪريو تہ مطلب پورا ٿي ويندس.

پير صاحب - چڱو مائي بابا، روءُ نہ (ٻار مٿان هٿ ڦيرائي) هيءُ تہ ڇوڪر آهي، نياڻي ڪٿي هي؟ تون ڀُلي آهين.

مائي - (ٻار ڏي نهارڻ ڏاران) جيئين ٻچين، آءٌ انڌي ڪانہ ٿي آهيان.

صالڻ فقير - هون هون، اکيون پٽي ڏس، پاڻ رحم جو هٿ ڪين ڦيراياءُون؟ (مائي اڳ جي سيڪاريل، ڪوڙڪوڙ ڪري، ٻار کي جاچي ڏسي ٿي ۽ خوش ٿي کِلي ٿي).

مائي - صدقي وڃان منهنجا سچا مرشد! مون سڀ ملڪيت توتان قلبان ڪئي. آءٌ در جي ٻانهي ٿي گذاريندس...

چنيسر - دودا، ڪِي ڏٺءِ؟

دودو- چنيسر، تون ڏس پڙهيو اهين، ڪين ٿي مڃيئي نہ!

پير صاحب- (جهنڊ مان اندران ڳالهائي ٿو). ابا، تنهنجو نالو چنيسر آهي ۽ پئي جو دودو، پئي ٽر جا آهيو. تنهنجا سوال ٿي آهن: هڪ تہ ڦٽ ڇُٽي، پيو بخت کُلي ۽ ٽيون مکڻ جام ٿئي... " (ص 112-109)

ڪوڙي پير ۽ سندس واڻن خليفن جا وڏيڪ بکيا اديڙيندي ناٽڪ نويس هن طرح ڏيکاري ٿو تہ:

منٺار فقير - قبلا، حاجي خالقڏنو ميمڻ بيٺو آهي، حضور ۾ اچڻ جو طلب آهي.

پير صاحب- ابا، پلي اچي...

خالقڏنو- (پير کي پيرين پئي) قبلا! نالي تان قربان وڃان! اڄ باهہ اهڙي لڳي هئي، جو سڄو شهر ناس ٿي وڃي ها، تو سهڻي کي نالو وٺي هڪ ڪيم، اوچتو نڪو ڪکر، نہ ڪا وڄ، نہ ڪا ڪنوڻ ۽ نہ ڪا گوڙ اچي جا برسات وٺي تہ ڪاڏي وئي باهہ.

پير صاحب- بابا، اسين تہ هن دنيا کان لاطمع ماڻهو پئسن کي ڏوڙ وڃهون، موتائي ڪٽي وڃ، اسان جي پنيان ڏن تہ اهو هئين پيو ڏڪا ڪائي! (صالح فقير) صالن فقير، اهو گلم جو پلؤ تہ مٿي ڪڻ تہ حاجي خالقڏنو لقاءُ تہ ڏسي!

(صالڻ فقير پلؤ مٿي ٿو ڪٽي تہ خالقڏنو ميمڻ اڳ ۾ ئي سيکاريل، عجب ڏيکاري چوي ٿو: هيترا رپيا! صالڻ فقير وري گلم جو پلؤ هيٺ ٿو ڪري).

پير صاحب- ابا، حاجي خالقڏنا! ڏٺئہ؟ اسان وٽ تہ دولت ڏڪا پئي ڪائي، پر اسان ڪنئي آهي فقيري.

خالقڏنو- قبلا، هي چار ڪوڏيون فقط سائين جي بنيءَ لاءِ نذرانو ٿو ڏيان جتي غريب غربو پيو ڪائي، پيو سائين جن کي خداوند ڪريم محتاج ڪونہ ڪيو آهي.

پير صاحب- چڱو ابا صالڻ فقير، حاجي خالقڏني کان وٺو متان دل ۾ ڪري (صالح فقير ڳوٿري وٺي ٿو ڳوٿري ۾ چيني جا ٽڪر پيل آهن).

خالقڏنو- ٿريا فقير، هٽ کي ڪشادو ڪريو هتي ڏنو اٿو ۽ َنو.

چنيسر - (دودي ڏي نهاري ٿو) دودا، هيٺا؟

دودو- ادا، سائينءَ کي توجي ٻن -ٽن ڏوڪڙن جي پرواهہ ڪانهي، توجي مرضي.

چنيسر - مرضي وري ڪجاڙي جي! پنڊ ڪڻ رپيا مورهين اهن ڏوهہ.

صالح فقير - فکر نہ ڪر، جيڪي آهي سو ڪٽي رک، دل نہ هڻ، يقين سان رک تہ ڪٽنديئن.

(چنيسر ويچارو ڏھ رپيا رکي پيرين پئي موڪلائي ٿو).

دودو ۽ هير ڏٽيءَ لڳ ڪا دعا ڪج.

چنيسر - (پر صاحب ۽ ُڻي نپرين ٿو).

صالح فقير - ابا، هاڻ آئو تہ درگاهہ تي هلي اوهان کي خاڪ شفا ۽ آبِ حيات ڏيون ۽ تعويذ بہ لکائي ڏيون.

(سڀ نڪرن ٿا، باقي خالقڏنو ۽ پير سائين رهن ٿا).

خالقڏنو - قبلا، ڏھ رپيا بہ چڱا، اڄڪلهہ ماڻهن ۾ ڏيڻ ڪٿي آهي!

پير صاحب - (مراقبو لاهي) حاجي خالقڏنا، ڏاڍو مهل سر آئين، ٽرين جا طاق لڳي ويا . . .

پير صاحب - في الحال تہ موج لڳي ويئي، حال تہ ڪريونس ٿا پنگون ٿا ڏلون، پوءِ وري بہ ڏيندو مولا.

خالقڏنو - هائو قبلا، مولا ڪو چڏيندو ڪيئن؟ وهابين جو ٽيو آهي منهن ڪارو. پيا پؤنڪن، جيسين ماڻهو جاهل آهن، تيسين پنهنجي ماني ڪتا بہ ڪونہ ڪائيندا. (ڪلن ٿا ۽ تاڙيون ملائين ٿا)." (ص 116-114)

عمده ناٽڪ نويس لاءِ ضروري آهي تہ هو ڪردارنگاريءَ ۾ استعمال ٿيندڙ گفتگوءَ جا لفظاهڙا ڏُز ۽ مؤثر چونڊي جو نہ فقط آڪاٽيءَ کي اڳتي ڪٽي هلن پر ساڳئي وقت ڪردارن جي عملي ڪارڪردگيءَ ۽ انهن جي شخصيتن کي واضح ڪرڻ ۾ پڻ مدد ڪن. منجهيل، غيرمعروف ۽ ڏکيا لفظ، ڪردارنگاريءَ کي مشڪوڪ بڻائين ٿا. هن ناٽڪ ۾ عرساڻي صاحب وڏيءَ مهارت کان ڪم وٺندي، هر ڪردار سان نياءُ جي ڪوشش ڪئي آهي.

## ناٽڪ ۾ ڏوهيڙن ۽ ڪلامن جو استعمال:

ناٽڪ ۾ ڏوهيڙن، ڪافين ۽ ڪلامن جي ڏُم لڳي پيئي آهي. وقفي وقفي سان ڏوهيڙن، ڪافين ۽ ڪلامن ڏيڻ سان ناٽڪ کي هڪ طرف بوريت جو شڪار ڪيو ويو آهي تہ ٻئي طرف جن ڪردارن کي جاهل ۽ صفا سادو ڏيکاريو ويو آهي، ايتريقدر جو ڏوڪڙ ڳڻي بہ نہ ٿا سگهن، تن کان وري شاهہ جا ڏکيا ۽ اٽانگا بيت، ڏوهيڙا ۽ ڪلام وغيره برزبان چوارايا ويا آهن. اهو عنصر ناٽڪ ۾ ڏاڍو عجيب ۽ حيرت ۾ وجهندڙ لڳي ٿو البتہ صوفين واري ٽوليءَ کان اُهي ڪلام ڳارائڻ انسان جو عقلِ سليم تسليم ڪري ٿو. ناٽڪ ۾ چنيسر (سورمو)، جانل (سورمي) ۽ صوفين جي

ٽولي کان ڏوهيڙا ڇوارايا ويا آهن. صوفين کان ناٽڪ نويس اهو ڪم ورتو آهي جو هنن جي معرفت ماڻهن ۾ انسانيت جاڳائڻ جي هڪ جستجو ڏيکاري ويئي آهي. اهو پهلو ناٽڪ کي مقصديت ڏانهن وٺي وڃڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪري ٿو:

”هڪڙو فقير - يارو، شاهه صاحب سچ ٿو چوي:

دمين، اخلاص، مَ تائي ماٺو ڪيو،
ڪونه ڪائي ڪنهن جو سندو ماڻهوءَ ماس،
دلبر هن دنيا ۾ وڃي رهندو واس،
پيو سڀ لوڪ لباس، ڪو هڪ دل هوندو هيڪڙو.

ٻيون فقير - حق! سائين، حق!

يار سڏائي سڀڪو جاني زباني،
آهي آساني، ڪم پئي ٿي ڪل پوي.

ٽيون فقير - ياراڻي به ڪهڙي وڃي رهي آهي؟

ياراني يارن جي پاڻي تي پيئي،
ٺهليسون ٻُڪن ۾، وٺين ڪون ويئي.

چوٿون فقير - اسان اهي ئي نوڪر، تنهنجي نانءَ جا.
پهريون فقير - حق! حق!
ٻيون فقير - پوءِ قبلا! زمانو نيٺ سڌرندو، ڪين بنهه بس؟
پهريون فقير - الله گهريو آهي ته نيٺ سڌرندو.
ٽيون فقير - نيٺ به حضور، ڪڏهن؟
پهريون فقير - جڏهن لوڪن ۾ ساڃهه ايندي.
چوٿون فقير - اها به صاحب، ڪيئن ايندي؟
پهريون فقير - ماڻهن جا جڏهن من کلندا.
ٻيون فقير - انهيءَ جو اُپاءُ؟
پهريون فقير - عام لوڪن مان جاهلت نڪري.
ٽيون فقير - بابا سائين، هتي نه ماجرائي اور لڳي پيئي آهي، ڪو چار اکر سکي ٿو ته اباڻي ڪِرت ڪرڻ کان ڪنس عار پيو لڳي.
چوٿون فقير - اکر ڪين ٿو سکي، الله ٿو منجهونس آڙي!
پهريون فقير - هائو! هائو! پر هاڻ ڪو مڙيو ئي وس وارن کي عقل آيو ٿو ڏسجي، ٻڌجي ٿو ته انهيءَ ڏس ۾ صلاح آهي ته لوڪن کان سندن اباڻا ڌنڌا، ڌاڙيون ۽ ڪسب

ڪاريون چڙائجن نہ پر پنهنجي ڪِرت ڪار ۾ هوڙتل بہ پَل رهن، انهيءَ سان گڏ اڪر بہ پيا سکن.

ٻيا ٽئي فقير - ياروِ حق! حق!"

(پردو ڪري ٿو)

هتي جيڪو سورمي يا سورميءَ کي ڪرڻ گهرجي، اُهو ڪم ناٽڪ نويس صوفين فقيرن جي ٽوليءَ کان ڪرائي ٿو ڇو تہ سورمو ۽ سورمي تہ ويچارا هوندئن ئي اڻوجهہ ۽ اڻپڙهيل ڏيکاريا ويا آهن، پر سندن من اهڙو تہ اڇو اُجرو بڻهہ چانديءَ جهڙو ڏيکاريو ويو آهي جو پڙهيل لکيل بہ انهن جي آڏو تڇ آهن. ناٽڪ نويس اهو بہ ڏيکاريو آهي تہ اڻوجهہ ۽ ساده لوح ماڻهوئي من جا صاف ٿين ٿا پر لکيل پڙهيل ماڻهوئي گهڻو ڪري چالاڪ، مڪار ۽ اندر جا ميرا ٿين ٿا، جيڪي ڪم پڙهيل لکيل ماڻهو ڪي ڪندي سونهين، اُهي ويچارا اڻپڙهيا ۽ ساده لوح ماڻهو پيا ڪن. ناٽڪ نويس هتي ڪردارن جي ذريعي تعليم جي اهميت ۽ اُن جي حاصلات کي يقيني بڻائڻ لاءِ اوس ڪوششون ورتيون آهن:

"(ڪورٽ برخواست ٿئي ٿي ۽ سيئي اُٿن ٿا. چنيسر آزاد ٿي ڪورٽ جي ڪمپائونڊ (وال) ۾ ٽئي ٿو ۽ پريان ميرپورخاص گورنمينٽ مدرسہ هاءِ اسڪول جي شاگردن جو هجوم ۽ عام ماڻهن گڏجنس ٿا، جي تعليمي پوسٽر هٿن ۾، "بيعلمي برباد" جا نعرا هڻندا پيا اچن).

چنيسر - (هڪڙي شاگرد کان، جو ٻين همراهن کان ٿورو اڳيرو وڌي آيو آهي).
ٻاٺو هي ڇا جو ڳوڙ آهي؟

شاگرد - ادا، هيءُ ڳوڙ نہ آهي، پر هي اوهان اڻپڙهيل ٻائرن کي اکرن سيکارڻ جون تياريون ٿي رهيون آهن.

چنيسر - ٻا، اکر پڙهي ڪبو ڪو؟ اکرن پڙهيين جا ڪرتوت تون مون ڳنان پڇ تہ مانجي ڪهڙي ڳت ڪئي آن. ڦريس بہ آءٌ، ترُم ۾ بہ پيس آءٌ، هاڻي ڪاڏي لاءِ ڪوڏي بہ ڪانهيم. ٻچا بہ الاجي مئا ڪ بچيا؟

شاگرد - ٻاٺو جي تون بہ اکر پڙهيل هجين ها تہ ڪير توکي هٿ لائي سگهي ها؟ پڙهيلن کي تہ ڪو ڦُري! باقي جاهل تہ هر ڪنهن جو شڪار آهن.

چنيسر - سو تہ ڪاشو پر ادا، سکڻ اکر چٻاڙيا تہ ڪين؟ اسين گريب ماڙهو اسان کي پيٽ پرڻ جي لاءِ ڪپي اَن.

شاگرد - ڏس، اوهين اڻپڙهيا پورهيو ڪري، اَن ۽ اٽي لاءِ ڏوڪڙ ڪمايو پيا اوهان کي دلبا ڏيو اوهان کان هڙ ڦريو وڃن!

چنيسر - اي، آءٌ بہ تہ ائين پيو چوٿان نہ!

شاگرد - هاڻ جي انهيءَ ڪمائيءَ جي برڪت سان گڏ، اوهان کي اکرب بہ ايندا هجن تہ

ڪير جيڪر اوهان کي ڦري سگهي؟

چنيسر - ادا، تون چوئين بروبر ٿو اڳي تہ هوس واريءَ جي وچ ۾ ڪبرئي ڪانہ هئم پر جڏهانڪر هتي شوهر ۾ آيو آهيان، تڏهانڪر اک اپٽي آم تہ هت جيسين چار اکر نہ سکيا، تيسين ماڙهو اهي انڌي آچار . . .

شاگرد - او! هاڻي ڳالهہ ڪي سمجهيو اٿئي پر ڪي پڙهندڙن بہ ڪين رڳو ڳالهيون ڪندين؟

چنيسر - الله جو سونهہ! هيرئي پاڙهہ تہ پڙهان مون سين اهڙيون ٽا تاديون ٿيون آهن، جو هاڻ يا تہ پڙهندس يا تہ مرندس، بس! هيڪڙي ڳالهہ ٿيندي.“ (ص 67 - 65)

مٿئين عبارت جي خوبصورتي ڏسو! مڪالمہ جاندار، مڪالمن ۾ استعمال ڪيل ٻولي سليس، سواديءَ ۽ ڀرپور آهي. چنيسر ٺري آهي، سندس زبان مان نڪتل هڪ هڪ گفتو ٺري لهجي ۾ آهي. مثالطور: آهي (آهي)، ڪو (چا، ڪهڙو)، ڪَنان (کان)، مانجي (منهنجي)، ٽُرم (جيل)، ماڙهو (ماڻهو)، چوئان (چوان)، شُوهر (شهر)، بروبر (برابر)، تڏهانڪر (تڏهن کان)، اپٽي آم (پٽي آهي)، سونهہ (قسم، واسطو)، هير (هينئر، هاڻي)، هيڪڙي (هڪڙي)، جڏهن نڪر (جڏهن کان)، گُت (حالت، حشر)، آنِ (اٿنِ، آهنِ) وغيره لفظ سنڌي زبان جي ٺري لهجي سان واسطو رکن ٿا.

## عروج (Climax):

ايڪٽ ٽئين /پردي پهرئين تي ناٽڪ جو عروج آهي، ان جو منظر هن طرح ڏنو ويو آهي:

”[ناٽڪ جو سورمو ’چنيسر‘ ميرپورخاص جي شهر جي دنگ تي، ڪوهہ جي پرسان، جتان چنيسر ٺريو پاڻي ڀريندو آهي، هڪڙو ماستر (استاد) بالغن کي وينو پڙهائي. چنيسر ۽ ٻيا ڪيترا هندو، مسلمان، سک ۽ هريجن وغيره بالغ شاگرد وينا آهن. ماستر بورڊ جي اڳيان بينو آهي].“ (ص 69)

انهيءَ منظر کان پوءِ، ناٽڪ جي آڪاڻي يڪدم پڄاڻيءَ طرف ڊوڙندي وڃي ٿي ۽ سورمي کي پڙهائيءَ ۽ ليکي چوکي ۾ پڙ ڪري، واڻئي تي سرسي ڏيکاريو وڃي ٿو. واڻئي ۽ چنيسر وچ ۾ ٿيل مڪالمہ پڙهي ڏسو:

”واڻيو - ٻيلي، تون وينو اتي رهاڻيون ڪرين ۽ اسان وٽ پاڻي سُتي (ڦڙو) بہ ڪانهي. ڪر جلدي، وارو تہ پري هل.

چنيسر - يائي، بہ پايون واري جو ڳنهندس، جي قبول هوئئي تہ هلان، نہ تہ ٻيو ڪو گس ڪر.

واڻيو - چنيسر، اڳي تہ اهڙا ليکا ڪونہ ڪندو هئين، هاڻي ڏاڍي پڪائي سکيو آهين!

چنيسر - يائي، گريب اهيان، هڏين جو پورهيو آم، پڪائي چو نہ ڪندس؟

واڻيو - چڱو چڱو پاڻي تہ آڻ، پوءِ نهي ويندا سين.

چنيسر - (ڪنڌ لوڏي) پائي نہ صفائي ڪرڻ موچاري اهي.

واٽيو - چڱو سَت وارا لاهي وڃ، بہ پايون گهُمري جون، ست ڏون ٻارهن (ٻہ پايون ڪُٽائي ٻڌائيس ٿو)، تي پئسا ٿيا روڪڙا، سي پنهنجا وٺي وڃجانءِ، بس ڳالهہ بہ ايتري سگهو اچجان، مان هلان ٿو.

چنيسر - پائي، ايڪ ڏون ڏون، بہ ڏون چار، تہ ڏون ڇهہ، چار ڏون اٺ، پنج ڏون ڏهہ، ڇهہ ڏون ٻارنهن، اوست ڏو چوڏهن (چوڏهن تي زور ڏئي ٿو). چوڏنهن پايون ٿيون چوڏنهن. (واٽيو عجب ۾ پوي ٿو). ٻارنهن پايون آني ۾، مٿان وري ٻيون بہ پايون، هڪ آنو بہ پايون هتي رک تہ هلان وو! جي هلين اڳيون ليکو تہ هونداءِ ڪئير. گهٽائي ڏهاڙا اسان مشڪينن جو رت پيتوِ اهنو.

واٽيو - (شرم کي وندرائي) مار! چنيسر، ڏاڍو ڏاهو ٿي پيو آهين! مون تہ رڳو آزمودو ٿي ڪيو تہ ڏسان چنيسر ڇا ٿو چوي.

چنيسر - هئو پائي، آزمودا گهٽا ورتئو، هاڻي اسين بہ اکر پيا سکون وو!

واٽيو - چڱو چڱو هاڻ ڇڏ ڪاوڙ، سگهو اچجانءِ. (پنهنجي منهن) بس وڏيرن جلم ڪري ڇڏيو.

چنيسر - حاضر آيو، آنوءِ بہ پايون ٻاهر ڪڍي رکجانءِ.

دودو - (عجب ۾) وڃ چنيسر! اِي کهڙو ڪتاب پڙهي وئين؟ واٽئي کي بہ مُنجهائي ڦتو ڪيئي، اِي سڀ ليکو اشڪول مان سکئين ڪہ؟

چنيسر - و دودا، اسان جو مُلو ليکي ۾ ڏاڍو ڀَڙ اٿئي، اِي سڀ اُن سيکاريو آم.

دودو - واه ڙي واه! واٽيو ڏوتيو چندي وٺي پڳو! پر اسان کي بہ ٽرين هلي ڪي واٽيا سڏا ڪري ڏيج، اسان جو تہ ڄڙن جيان رت بہ چوسي ڦتو ڪيو آن.

چنيسر - حاضر حاضر. مون کي رڳو هڪ واريءَ پڙ ٿيڻ سو ڏي! (ائين چئي، اٿي ڏول سان کوهہ مان پاڻي ڪڍي ٿوءِ دٻا پري ڪنوانيءَ ۾ ڪٽي ٿو.)“ (ص 86 - 84).

ڊرامو هجي يا ناول، ان جي ترڪيبي جزن ۾ آڪاڻي کي اهميت حاصل آهي. آڪاڻيءَ جي آغاز ۾ ڪنهن ڪردار يا واقعي جو تعارف اهڙيءَ طرح پيش ڪيو وڃي ٿو جو ايندڙ واقعن ۾ دلچسپي وڌڻ لڳي ٿي، آڪاڻي جيئن جيئن اڳتي وڌندي ويندي، ناٽڪ نويس ان ۾ الجهاءُ ءِ اشتياق پيدا ڪندو ويندو، تان جو هڪ اهڙو هنڌ ايندو جيڪو ڏسندڙ/پڙهندڙ ۾ انتهائي اشتياق دلچسپي ءِ حيرت پيدا ڪندو، اُن حد کي عروج (Climax) چون ٿا. ناٽڪ ۾ مٿي ڄاڻايل عبارت ۾ الجهاءُ، سلجهاء طرف وڃي ٿو ءِ پڙهندڙ/ڏسندڙ مطلب ڏانهن سرندو وڃي ٿو، ڪيس معلوم ٿيڻ لڳي ٿو تہ هاڻي تعليم جي هٿيار سان جهالت جو خاتمو اوس ٿيڻو آهي پر ناٽڪ نويس وٽ شايد ٽائيم نہ هو،

تنهنڪري عروج ڪان پڇاڙيءَ واري سفر ڪي تڪڙو چال ڏياريو آهي. جنهنڪري ناٽڪ ۾ اهو عيب واضح ٿي بيٺو آهي.

## ناٽڪ جي مقصديت ۽ پڇاڙي:

ناٽڪ لکندڙ آڏو ڪي نہ ڪي مقصد رکيل هوندا آهن. جن تي هو ناٽڪ جي عمارت جي تعمير ڪندو آهي. هن ۾ ڪيس مختلف فنن جي ضرورت پوندي آهي ۽ اهو ڪمال ڪاريگريءَ سان اُن کي پايہ تڪميل تائين رسائڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. هوشيار ناٽڪ نويس آخر ۾ ناٽڪ جي مقصديت کي واضح ڪرڻ ۾ ڪامياب ويندو آهي. نہ تہ اڪثر ڏٺو ويو آهي تہ ليکڪ پنهنجي فنپاري سان آخر ۾ انصاف نہ ڪري سگهندو آهي. جنهنڪري پڙهندڙ/ڏسندڙ منجهي پوندو آهي ۽ نقاد اُن جي باري ۾ ڪا بہ واضح راءِ ڏيئي نہ سگهندو آهي. پر هن ناٽڪ ۾ عرساڻي صاحب عروج کان پوءِ مقصديت کي واضح ڪرڻ ۾ ڪامياب ضرور ويو آهي، پر پڇاڙيءَ کي جڏهن نظر مان وري وري ڪجي ٿو تہ اُها پڙهندڙ کي اڻپوري يا تڪڙي جان ڇڏائڻ واري لڳي ٿي.

ناٽڪ جي پڇاڙيءَ وارو ٽڪرو ملاحظہ فرمايو:

"دودو- ڪالهہ ويو هوس ڏيپلي، مصر جي يجير ڳالهہ ٿي ڪي تہ آءٌ ميرپور چنيسر کي گڏيو هوس، ڳالهہ ٿي ڪيئين تہ اشڪولن واري وجير آڌر ڪيو آهي تہ پوڙهين جي اشڪولن ۾ جيڪي پڙهن ٿا، انهن ڪاڻ پٽيوالن جي نوڪري جڙندي.

ڏوڪري- آ، ادا، پوءِ سڻ (ڪلي ٿي) اٿهين ڪن پ َچي رتو پتڪو بہ سرڪار مان جڙندو؟

دودو- بيو جي نہ تہ ڊيپٽن ساڻ پيڙو ترين تہ اچي گشت ڪندو.

ڏوڪري- (ڪلي ٿي) آ، ادا، پو پنهنجن ڪاڻ سجاڻندو ڪ نہ؟

دودو- چنيسر جون بيون پچار ڇڏي ڏي...

ڏوڪري- هان ادا، پوءِ تپيدار ڪڏهون ٿيندو؟

دودو- اِيءَ سڌ ڪانهيم، پر ٿيندو مڙئي سگهير ڙو.

ٻار- امان! او امان! او امان! روٽلو ڏئي.

ڏوڪري- صدقي ٻچن تان وجان، ڪوڙ روٽلا. رڳو جهڻ لپ جهڳڻ ڏيوم (جهڻ ولوڙي ٿي ۽ راڳ ڳائي ٿي).

(پردو ڪِري ٿو)

’چنيسر‘ ناٽڪ ۾ ’دودي‘ جي ڪردار کان مطمئن نہ آهي، تنهنڪري ناٽڪ جي پڄاڻي دودي جي زبانيءَ سان ڪئي ويئي آهي، اتي سوال اُڀري ٿو تہ ڇا دودي سچ پچ چنيسر جي زال جانل سان سچ ڳالهايو آهي يا طنز ڪئي اٿس؟

## حوالا:


1. عرساڻي، محمد اسماعيل، (1983ع)، بدنصيب ٿري (نئين ڇاپي جو ٻيون ايڊيشن)، ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ.
2. شاهواڻي، غلام محمد، (1963ع)، ادبي اصول (ڀاڱو-4)، حيدرآباد: آر.ايچ احمد برادرس.
3. ملڪاڻي، منگهارام، پروفيسر، (2007ع)، ادبي اصول (ڇاپو ٻيون)، حيدرآباد: سنڌي ساهت گهر.
4. عرساڻي، محمد اسماعيل، (1983ع)، ’چار مقالا‘، (نئين ڇاپي جو ٻيون ايڊيشن)، ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ.
5. ملڪاڻي، منگهارام، پروفيسر، (1993ع)، سنڌي نثر جي تاريخ، (ٽيون ڇاپو)، حيدرآباد: روشني پبليڪيشن.
6. جوڻيجو عبدالجبار، ڊاڪٽر، (2006ع)، سنڌي ادب جي تاريخ (ٽيون جلد)، حيدرآباد: سنڌي لئنگويج اٿارٽي.
7. ظفر آغا، (2014ع)، ڊرامون (تاريخ ۽ هيئت)، (ڇاپو پهريون)، حيدرآباد: ايم.ڪي فائونڊيشن.
8. جوڻيجو عبدالجبار ڊاڪٽر - هدايت پريم، (1994ع)، ٿر جي ٻولي، (ڇاپو پهريون)، حيدرآباد: سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو.
9. عرساڻي، شمس الدين، ڊاڪٽر، (2009ع)، سنڌي ادب جي ارتقائي تاريخ (نثري ادب)، (ڇاپو پهريون)، حيدرآباد: اوسر اشاعتگهر.
10. ميمڻ، عبدالمجيد سنڌي، ڊاڪٽر، (2006ع)، سنڌي ادب جو تنقيدي اڀياس (ڇاپو ٻيون)، ڪنڊيارو: روشني پبليڪيشن.